# استاذ العلامه مفتي محمد هدايت الله الآريجويؒ

## (١٩٣٨ء-٢٠٠٥ء)

ڊاڪٽر محمد ادريس آزاد☆

اتر سنڌ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺ ٿارو واهڻ متصل خير محمد آريجا اسان جي علمي ۽ ديني تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. هن ڳوٺ کي اهو شرف حاصل آهي ته هتان جي هڪ جيد عالم سڪوري "استاد الڪل" محدث علامه محمد آريجيؒ (وفات ١١٩٧ھ/ ١٧٨٣ع) هن ڳوٺ ۾ اندازاً ١١٦٠ھ/ ١٧٥٧ع دوران هڪ ديني مدرسو قائم ڪيو(١) ۽ هن ئي مدرسي مان حضرت پير سائين پاڳارو علامه محمد راشد روضي ڌڻيؒ (ولادت ١١٧٠ھ/ ١٧٥٧ع ۽ وفات ١٢٣٣ھ/ ١٨١٨ع درس نظاميه جا آخري ڪتاب پڙهي فارغ ٿيو(٢) حضرت علامه محمد آريجي رحه کان بعد حضرت علامه غلام حسين آريجي رحه (وفات ١٣ جمادي الثاني ١٣٤٠ھ/ ١١ فبروري ١٩٢٢ع) ديني درس و تدريس کي قائم رکيو جتان حضرت مولانا تاج محمد کوکر عرف آريجوي رحه جنهن جي فتوي مصر مان مستند ٿيڻ جي مونڊي هئي ۽ حضرت مولانا حڪيم غلام عمر آريجو رحه (ولادت ١٨٥٠ع - وفات

☆ اسسٽنٽ پروفيسر گورنمنٽ ڪاليج لاڙڪاڻو، صدر صوبه سنڌ انجمن اساتذه پاڪستان